پارن لاء بائبل
تحفو

# جڏهن خدا هر شيء
# پيدا ڪئي





لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Byron Unger; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Bob Davies; Tammy S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

BFC
PO Box 3
Winnipeg, MB R3C 2G1
Canada

©2021 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي کاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيستائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

کير اسانکي بڈايو؟ بائبل مقدس، خدا جو ڪلام، وضاحت
ڪري ٿو ته انسان جي زندگي ڪيڙي طرح شروع ٿي،الاهي
وقت اڳ خدا انسان کي پيدا ڪيو. ۽ هن جو نالو آدم رکيو.
خدا آدم کي زمين جي مٽيء کان بڻايو. جڏهن خدا آدم ۾،
زندگي جوساهء پهڪئن ته هن ۾ زندگي
اچيوي هن پنهنجي پاڻ
کي هڪ خوبصورت
باغ ۾ ڏٺو.
جنهين کي عدن
چيوندا آهين.



آدم بنائڻ کان اڳ، خدا خوبصورت دنيا پيدا ڪئي. جيڪو شاندار شيئنء کان پرل هوئي. هري هري خدا جبلن جي جڳهنون، ۽ڪليل گاهه جاميدان، خوشبودارگل، ۽ ٻگاهه وڻ چمڪندڙڪنبن وارا پکي، ٻهنبهنانديومکيون،چهولين سان ڪڏنديون مڇيون۽ سامنڊ جي مخلوق کي



پيدا ڪيو. حقيقت ۾، خدا دنيا ۾ موجود هر شيءِکي پيدا ڪيو.

شروعات ۾،انهي ڪان پهرين ته
خدا ڪجهه پيدا ڪري،هن ڪان
سوا پيو ڪجهه نه هو. نه ماڻهو،
نه جڳهون يا شيون، ڪجهه به نه
هو. نه سوجهرو،۽ نه
اونداهي، نه آسمان ۽ نه
زمين، نه گزرئل ۽ نه
ايندڙ ڏينهن، اتي فقط خدا
هو ۽ هن جو ڪو آغاز نه هو.
پوء خدا ڪم شروع ڪيو. خدا
شروعات ۾ آسمان ۽ زمين
کي خلق ڪيو.



زمين ويران۽سنسان هئي ۽
اونهائي مٿان اونداهه هئي.
پوءِ خدا فرمايو، "ته
سوجهرو ٿئي".



۽ سوجهرو ٿيو. ۽ خداسوجهري کي ڏينهن سڏيو ۽ اونداهه کي
رات سڏئين. سو سانجهي ۽ صبح ٿيو، ۽ پهريون ڏينهن ٿيو.



ٻئي ڏينهن، خدا آسمان جي هيٺ سمنڊ، درياء، ۽ ڍنڍ جي پاڻي کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو. ٽئين ڏينهن تي خدا چيو ته "خشڪي ظاهر ٿيئي" ۽ اهوئي ٿيو.



خدا گاھ ۽ گلن، ٻج وارا ٻوٽن ۽ ميويداروڻن  کي حڪم ڏنو ته
سي سڀ زمين تي اپرن ۽ اھوئي ٿيو.

سو سانجهيءَ صبح ٿيو ۽
ٽيون ڏينهن ٿيو.



پوءِ خدا سج ۽ چنڊ ۽ گهڻن
تارن کي بڻايو، جنهن کي ڪو
ڳڻي نه سگهندو. سوسانجهيءَ
صبح ٿيو ۽ چوٿين ڏينهن ٿيو.



سمنڊ جي مخلوقات ۽ مڇيون ۽ پکيي خدا جي ايندڙ فهرست تي هئا. پنجئين ڏينهن تي خدا وڏيون مڇيون ۽ ننڍڙي مڇيون، بگهي ڌنگن وارا شطرمرغ ۽ خوش ٿيندڙ ننڍا پکيء ٺاهياء، خدا زمين جي پاڻي کي پرڻ لاء سڀ قسم جي مڇيء کي پيدا ڪيو ۽ آسمان، زمين ۽ سمنڊ سان خوش ٿين لا سڀ قسم جا پکي ٺاهياء سوسانجهيۦ صبح ٿيو ۽ پنجون ڏينهن ٿيو.



ان ڪانپوءِ، خدا پيهر چيو. هن چيو، "زمين تي رهڻ واري مخلوق کي زمين خلق ڪري ..." ۽ جانورن جي سڀي قسم،ڪيڙا ماڪوڙا ۽ دهرتي جا تمام سرندڙجيت وجود ۾ آيا. زمين کي لوڏيندڙهاٿي ۽ بوڙيندڙڪوواه ،شرارتي پولڙوءِ سست مگرمچھ،سرندڙ ڳڏرون ،لوڏندڙ زرافه غرايندڙ ٻلاء وجود ۾ آيا. پوءِ هن ڏينهن خدا سڀني قسمن جا جانورجوڙياء.

سوسانجهيءِ صبح ٿيو ۽ ڇهون ڏينهن ٿيو.



چهين ڏينهن تي خدا ڪجهه وڌيڪ ڪيو. ڪجهه خاص،
انسان لاء سڀ تيار هو. ٻنين ۾ خوراڪ هُي ان جي خدمت
ڪرڻ لاء جانور. ۽ خدا چيو "اچو ته انسان کي سنڌس
صورت جئين بڻايون، ۽ کيس
زمين ۾ هر شيء تي اختيار
ڏيون". پوءخدا انسان کي
پنهنجيءَصورت تي پاڻ
جهڙو جوڙيو.



خدا آدم کي حڪم
ڏينو، "تون باغ جي
هر وڻ جو ميوو کائي
سگهن ٿو، پر تون
نيڪيءَ ۽ بديءَ جي
وڻ مانڪڏهن به نه
کائجانءَ. جيڪڏهن
هن وڻ مان کائندين
ته يقينن مرندين."



۽خداوند خدا چيو ته "آدم جو اڪيلورهن چڱونه آهي، آءٌ هن لاءَ مددگارجوڙيندس." خدا تمام پکيءِ ۽ جانور آدم وٽ آندا. آدم سڀني جا نالاءِ رکيا. اهوسب ڪجهه ڪرڻ ۾ هووڏو داناه هو پرسڀني پکين ۽جانورن منجهان آدم جئين ڪو به هن کي مدگار نه مليو.



خدا آدم تي گهري ننڊ موڪلي، تمام گهري ننڊ. ۽ ننڊل آدم جي
پاسرين مان هڪڙي پاسري ڪڍي خدا انهي پاسري مان، جا
آدم مان ڪڍي هئائين هڪڙي عورت
جوڙئين ۽ عورت جيڪا خدا
ٺاهي، آدم جي مدد گار ٺاهي.
اهيء بلڪل آدم جي
ساٿي ٺاهي هُئي.



خدا ڇهه ڏينن ۾ هر شيءِ کي پيدا ڪيو، پوءِ
خدا ستن ڏينهن کي برڪت ڏني ۽ اها سبت جو
ڏينهن ٺاهيو. باغ عدن ۾، آدم ۽ سندس زال حواءَ
مڪمل طورپنهنجي خوشيءَ سان خدا جي
فرمانبرداري ڪري رهيا هئا. **خداانهن
جو ربُ هو،۽ سندن روزي مهيا
ڪرڻ وارو۽دوست هو.**



# جڏهن خدا هر شيء پيدا ڪئي

خدا ڪان هڪ ڪهاڻ ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

پيدائش 1-2

"توهانجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

آخر

1

60

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ )يسوع مسيح (کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء )عيسي( يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽
آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان )عيسى (يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان
پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو .ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ
ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خدا آهيوۦ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۦ هاڻي تون جيئرو آهين .منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان .آمين.

بائبل پڑهو ۽ هر روز خدا ساڻ ڳالهايو.